# شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ جا قلمي نسخا ۽
# سودائي خام (ڀاڱو ٻيو) (قلمي) جو اڀياس
# Study of Manuscripts of Mirza Kalich Beg

نواب ڪاڪا

***Abstract:***

*The manuscript plays a vital role in the research.These are foundations in the works of an author or researcher that who does in order to spread knowledge. Mirza Kalich Beg has written many books in Sindhi Language on different topics such as History, Philosophy, Religion and Science. One hundred (100) manuscript books of Mirza Sahib are present still. In this research paper some manuscript books introduction and the analysis of Soodai Kham has been given. In which Mirza Sahib has uttered poetry on various historical incidents, conditions and occasions. The date of the births of the different personalities has been uttered in the poetry. This research will aware about importance of the unpublished manuscript work of the Mirza Sahib.*

قلمي نسخا، تحقيق جي ميدان ۾ انتهائي اهم ۽ بنيادي وسيلو سمجهيا ويندا آهن. اهو مواد بلڪل اصل صورت ۾ اهڙي طرح موجود هوندو آهي جو اُن ۾ ڪنهن به قسم جو ڪو وڌاءُ يا ڦير ڦار ناهي هوندي. شمس العلماء مرزا قليچ بيگ هن وقت تائين پڌري ٿيل لسٽ مطابق سنڌس ٽوٽل ڪتابن جو تعداد 461 آهي. انهن مان اڃا اڻ ڇپيل هڪ سؤ ڪتاب قلمي صورت ۾ آهن. جڏهن ته ڪيترائي اهڙا ڪتاب آهن جيڪي مرزا صاحب جي پنهنجي ٺاهيل فهرست ۽ مرزا اعجاز بيگ جي تيار ڪيل فهرست ۾ موجود آهن پر ڪافي ڳولا باوجود ملي ناهن سگهيا. اداري جي طرفان اها ڪوشش رهي آهي ته وڌ ۾ وڌ قلمي نسخن کي شايع ڪرائجي. ان نتيجي ۾ سال 2012ع ۾ ٻه قلمي نسخا شايع ڪيا ويا. (1) جارجيا يا گرجستان 2 چين ۽ چيني ماڻهو ماڻهو ان بعد سال 2018ع کان ٻيهر مرزا صاحب جي قلمي نسخن کي شايع ڪرڻ شروع ڪيو ويو. جنهن ۾ هي ڏهه ڪتاب شامل آهن. 1. ٻارن جي ونڊر (2018) 2. عالم خواب (2018) 3. منتخب المعلومات (2018) 4. رواجي حڪمت (2018) 5. علم نباتات (2018) 6. علم نجوم ۽ علم هيئت

(2018) 7. مجمع المذاهب (2019) تي گڏيل قلمي نسخا هڪ جلد ۾ 8. پٽ چڙهي پنهنجي وس 9. حسن عشق ۽ ان جا ڪرشما ۽ 10. نہ ڇاول ماڻهن جو روح 2019ع. يعني ڪل ٻارهن قلمي نسخا ڇپيئر پاران شايع ڪيا ويا آهن. هيٺيان ڪتاب اڃا قلمي صورت ۾ موجود آهن.

1. عجائبات سائنس يا عجب علمي نُڪتا (1925) 2. علم حيوانات (1924) 3. حيواني عقل ۽ انهيءَ جا مثال (1919) 4. مفتاح الرمل (1925) 5. علم رمل (1925) 6. سودائي خام (پاڱو ٻيو) (1920) 7. مثنوي جام جم (1924) 8. لسان الغيب 9. مخزن القوافي (پاڱو پهريون)، مخزن القوافي (پاڱو ٻيو) 10. حقيقت الربيٰ 11. مثنوي ترڪيب الانسان 12. اشعارالقرآن (پاڱو پهريون) 13. اشعار القرآن (پاڱو ٻيو) 14. دستڪاري جادو 15. حجۃ الشيعہ 16. هزليات 17. نصوص الخصوص 18. گلدستہ حمد و ثنا 19. حڪيم ناصر خسروي 20. مولوي جلال الدين رومي 21. مرزا فريدون بيگ گرجي سنڌيءَ ۾ 22. اسلامي رسالو 23. خطبہ 24. مرآت القرآن 25. تواريخ المقدس 26. يادگار خط 27. مثنوي تحفت الاحرار 28. شاهہ جي رسالي جي ڪنجي 29. راڳ ۽ موسيقي تي ليڪچر 30. علم موسيقي 31. جادو ۽ سائنس 32. علامات القرآن فارسي 33. مفتاح القرآن فارسي 34. اشعار القرآن فارسي 35. اشعار القرآن دوم 36. ابڪار الافڪار 37. شعر الملوڪ 38. شعر الهنود 39. شعر النسوان 40. در نجف 41. ذڪر الموت فارسي 42. جواهرلسان (فارسي) 43. خزينہ سيمين 44. ٻاراڻا شعر، فارسي ۽ سنڌي 45. ڪافيون 46. مومل راڻي جو قصو 47. ڪافيون ۽ ڪي اشعار 48. مثنوي مخزن الاحرار 49. مثنوي مطلع الانوار امير خسرو دهلويءَ جي 50. هرڻيءَ جو قصو 51. بيماريءَ جا سچا ۽ ڪوڙا سبب 52. ماڻهو ڪيئن ڄمن ٿا 53. ڪربلا جو واقعو 54. خورشيد اردو ڊرامو 55. ايل وهار تقدير كا كهيل 56. توبہ اور اس كي حكميں 57. خصائص القرآن 58. مرآت القران 59. ضميمہ مفتاح القرآن 60. انتخاب القرآن 61. اردو زبان کي ترقي 62. اردو لذيزا ڪار آمد و عام فهم 63. اخلاق معصومين 64. ايٽلانٽس 65. سنڌ جي مختصر جاگرافي 66. مصرنامو اڳوٽي ۽ هاڻوڪي مصر جو احوال 67. يوسف ۽ فاطمہ، هيملٽن ۽ ڪيٽ ناول 68. رابرسن ڪروز.

مرزا صاحب جي لکڻ جا جيئن تہ 43 مختلف موضوع رهيا آهن. سندس قلمي نسخا جيڪي خاص طور ڇپيئر ۾ موجود آهن، اهي بہ اهڙي طرح مختلف موضوعن ۾ ورهايل آهن، جن ۾ سائنس، سماجيات، ادب، تاريخ ۽ مذهب شامل آهن. مرزا صاحب هڪ

بهترين ليکڪ ۽ ذميوار آفيسر هئڻ سان گڏ بهترين منتظم بہ هو ڪتاب لکڻ سان گڏ ڪيس ڇپيل ۽ ڇپيل ڪتابن جو فڪر بہ هو پنهنجي يادگيرين جي ڪتاب ۾ اهڙو اظهار ڪندي لکي ٿو:

جيڪي اڻ ڇاپيل يا قلمي ڪتاب منهنجا جوڙيل مون وٽ رکيل آهن، سي بہ منهنجا وصي حفاظت ۾ رکن يا پنهنجي معرفت مناسب هنڌ رکائين ۽ مناسب وقتن ۽ شرطن تي اُهي ڇاپائڻ لاءِ ڏين ۽ انهن مان جيڪا پيدائش (ٿئي) سا بہ مٿين ڏيڪاريل فنڊ ۾ جمع ڪرائين. جيڪي منهنجا ڪتاب ڇاپيل هجن تن مان هر هڪ جون بہ بہ ڪاپيون ضرور حفاظت ۾ رکجن، تہ وري ڇاپائڻ ۽ مقابلي ڪرڻ لاءِ ڪماٿتا ٿين ۽ اهي ڪتاب اصل گم ٿي نہ وڃن جيڪي بابي، ناني ۽ مامي مرزا علي محمد بيگ جا قلمي يا ڇپيل عربي ۽ فارسي ڪتاب مون وٽ رکيل آهن، تن جي خاص ڪري حفاظت ڪجي ۽ جي انهن مان ڪو ڪتاب ڪو ماڻهو ڇاپائڻ گهري تہ ڇاپڻ لاءِ ڏجي، پوءِ وري وٺي رکجي، منهنجي ڇاپيل ڪتابن مان گهڻن جا اصل منهنجي هٿن جا لکيل بہ مون وٽ موجود آهن، جي پڻ ڪماٿتا ٿيندا. جي اڻ ڇپيل آهن سي بہ ڇپجڻ کان پوءِ اصل جنسي سنڀالي رکي ڇڏجن. ص-93 (1)

**هتي ڇپيڙ ۾ موجود قلمي نسخن مان هڪ ”سوداءِ خام“ (پاڱو پيو) جو اڀياس ڏجي ٿو.**

سودائي خام جو پهريون پاڱو 1910ع ۾ منشي پوڪرداس ٿانور داس جي شڪارپور واري لاهور پريس مان ڇپائي پڌرو ڪيو هو. پاڱو پيو مرزا صاحب 1920ع ۾ لکيو هو. جيڪو اجا تائين قلمي صورت ۾ موجود آهي. هن ٻئي پاڱي ۾ مرزا صاحب ديباچو يا تمهيد ناهي لکي. پهرين پاڱي ۾ مرزا صاحب هن ڪتاب جي هن نالي منتخب ڪرڻ ۽ شامل مواد جي لاءِ پنهنجي راءِ لکي هئي ان ۾ لکي ٿو هن ڪتاب ۾ ڪهڙي قسم جو شعر آهي سو سندس نالي ”سودائي خام“ مان معلوم ٿيندو، يعني تہ چريائي جا خيال گڏ ڪيا ويا آهن. تمهيد (2)

حقيقت ۾ ڪيترائي علم فهم، دانشمندي جا خيال ۽ تاريخي واقعا شاعري جي صورت ۾ قلم بند ڪيا ويا آهن. ٻئي پاڱي جي فهرست ۾ هي ڇهہ موضوع شامل آهن: (1) فارسي ۽ اردو شعر (2) شعر اردو (3) شعر سنڌي متفرقہ (4) غزل (5) ڪافيون (6) سنڌي بيت.

سڀ کان پهرين فارسي شعر آهي، جنهن ۾ ميرزا حسين قلي بيگ جي وفات 1910ع جي قطع تاريخ ڇپيل آهي. اهڙي ٻين بہ ڪيترن ئي فارسي شعرن ۾ مرزا صاحب قطع تاريخون جاڙايون آهن. جن مان ڪجهہ هي شخصيتون شامل آهن. مرزا ڪلب علي بيگ، ميان محمد يوسف، ميان محمد ابراهيم مخدوم صوفي، ميان شمس الدين بلبل، مير

علي نواز خان، ڊاڪٽر نور محمد صاحب ۽ ٻيا شامل آهن. قطع تاريخن ۾ ڪن ڪتابن جي ڇپجڻ جا سال ۽ ڪن شخصيتن جي جنم ۽ وفات جو تاريخون شعر ۾ لکيون ويون آهن. انهن بعد متفرقہ سنڌي شاعري آهي. جنهن ۾ قطعہ ۽ مثنويون مختلف وقتن تي فرمائش موجب مرزا صاحب لکيون آهن. جنهن ۾ شهنشاهہ جارج جي تاج پوشيءَ جي موقعي تي، شڪارپور جي ماستر پوڪرداس جي فرمائش تي چيل آهن. 1912ع ۾ هو پڦل اڪيڊمي جي عمارت جي افتتاحي تقريب جي موقعي تي چيل غزل ۾ فرمائي ٿو:

مرحبا اي صاحبو ٿورو اوهان جو بيشمار،
آهيون احسانن اوهان جي هميشہ حق گذار.
ڪئي قدم رنجي اوهان، تشريف آنديو اڄ هتي،
ٿيو اوهان جي لطف سان جلسو اسان جو برقرار.
هو پڦل اڪادمي جي ٿئي عمارت اڄ شروع،
شل رهي بنيادن تي پنهنجي سدائين پائدار.
ص-50 (3)

**مسٽر پريداس نواوديالیہ واري جي فرمائش تي 1914ع ۾ لکي ٿو:**

سدا سرهو ٿئي تو جڳ ڏسي هي آس جي تولي،
نواوديالیہ جي آهي شاگردن اها ڪولي.
اوهان ۾ آس ۽ اميد آهي ديس پنهنجي جي،
انهيءَ جي ائين ڪريو خذمت، انهيءَ جي ائين ڀريو جهولي.
ص-53 (4)

اهڙي طرح نواوديالیہ اولڊ بائز ايسوسيئيشن جي فرمائش تي ۽ يونين ائڪڊمي ايسوسيئيشن لاءِ بہ غزل لکيا ويا آهن. ٻيا هي اهم موضوع شامل آهن: سنڌي ساهت سوسائٽي جي جلسي وقت جنهن جي پاڻ صدارت ڪري رهيا هئا. 1911ع ۾ ڪراچي ۾ مسلمان ڇوڪرين جي اسڪول ۾ وجڻ لاءِ سيٺ حاجي عبدالشڪور جي چوڻ تي 1910ع ۾ لکيائين. زناني اسڪول حيدرآباد لاءِ مرحبا جو راڳ 1910ع. ديوان عورت جي تاريخ، ماستر هوتچند جي خواهش مطابق 1910ع ۾، آخوند عبداللطيف ننوي جي منظوم خط جو جواب ساڳئي بحر ۽ قافيي تي 1917ع. پنهنجي ٻارن لاءِ رمضان جي عيد تي، 1923ع مس ويل جي فرمائش موجب ننڍڙن ٻارن لاءِ راڳ، مرزا فيض احمد بيگ جي ياد ۾

مرثيہ، مشن اسڪول ڪراچيءَ لاءِ غزل، تعريف ۽ دعا 1919ع، ماستر محمد حسين صاحب لاءِ ملا اسڪول جي ماهواري مخزن جي جاري ٿيڻ تي 1919ع، اخبار وديارتي لاءِ انجمن اماميہ جي سنگِ بنياد وجهڻ وقت، انجمن اماميہ جي نوروز جي مجلس لاءِ 21 مارچ 1921ع، پنهنجي حياتيءَ جو احوال آخوند عبداللطيف ڏي خط جو منظوم جواب، اخبار الحقيقت جي شروعات جي تاريخ، شاعر هدايت علي نجفي جي چوڻ تي ديوان نجفي جي مڪمل ٿيڻ وقت، اسڪائوٽس لاءِ، هندن ۽ مسلمانن ۾ اتفاق ۽ يائپيءَ لاءِ ترغيب ڪوآپريٽو ڪانفرنس لاءِ حيدرآباد 1924ع، ڪراچيءَ صدر ۾ ڪاساين جي مسجد تعمير لاءِ درخواست، رعيتي راڳ (انگريزي طرز تي) سائينءَ جي صدا مرزا نادر بيگ جي فرمائش تي، مرحبا ئي شعر، فرمائش ملسمس فري بورڊنگ هائوس حيدرآباد، نارمل ڪاليج ۽ ٻين تي حسب فرمائش لکيو آهي، ان بعد سنڌي شعر، غزل مختلف عنوانن تحت ڇپيا اٿس، جن ۾ سورن تي صبر عنوان هيٺ لکي ٿو:

سور سنسار جا آئون ياد ڪريان نہ ڪريان،
عمر آرام ۾ برباد ڪريان نہ ڪريان.
ٿيا جڏهن غم ۽ خوشي اصل زماني ۾ گڏيل،
سک سدا ساري آءٌ دل شاد ڪريان نہ ڪريان.
آهي گردش ڪان فلڪ جي نہ ڇٽل شاهہ گدا،
حال پنهنجي تي آئون فرياد ڪريان نہ ڪريان.
روح رباني اصل آهي بدن ۾ هتي بند،
پکي پڃري منجهان آزاد ڪريان نہ ڪريان.
داد داد ور ڪندو بندن جو قيامت ۾ قليچ،
آءٌ تڏهن شڪوه بيداد ڪريان نہ ڪريان.
ص-95 (5)

ٻيو غزل هت جي عنوان سان آهي، جنهن ۾ اخلاقي، اصلاحي ۽ صوفياڻن نُڪتن کي پيش ڪندي دنيا ۽ آخرت جي حياتيءَ کي سنوارڻ جي ڳالهہ ڪئي وئي آهي. غزل ۾ فرمائي ٿو:

"ملڻ حق ساڻ هُت منصور جان جنهن کي هجي منظور ،
هتي همت سان سوريءَ سر چڙهائي جنهن جو جيءُ چاهي."
ص-96 (6)

اهڙي طرح ٽيون غزل ”چا هٿ آيو“ عنوان سان آهي. جنهن ۾ خاص طور ڪربلا جي شهيدن سان بيحد محبت ۽ چاهت جو بيان آهي. سچا عاشق، عنوان سان غزل ۾ سچي عاشق جي ڪردار کي بيان ڪيو آهي. مرزا صاحب اسلامي قومي ترانو بہ لکيو آهي، ان جا ڪجھہ بند ڏجن ٿا.

چين ۽ عرب اسان جو هندستان اسان جو
همدين هم وطن سڀ، سارو جهان اسان جو.
اي باغ اندلس جا، آهي ڪي ياد توکي،
ٽارين ۾ تنهنجي جڏهن هو آشيان اسان جو.
اي دجلہ تون بہ آهين واقف گهڻو اسان جي،
اڄ توڙي تنهنجود ريا ٿيو قصہ خوان اسان جو.
اي پاڪ ڌرتي تولاءِ وڃي اسين مئاسين،
تنهنجي رڳن ۾ آهي رت پيي روان اسان جو.
ص-98 (7)

آخري بند ۾ علامہ اقبال جي تراني جو حوالو ڏيندي لکي ٿو:

اقبال جو ترانو گهنڊ جان قليچ ٻڌجي،
ٿئي وري روانو پڻ ڪاروان اسان جو.
ص-98 (8)

هن بعد فخريہ غزل آهي، جنهن ۾ مرزا صاحب پنهنجي ذات، ڏانءُ، علم فهم، شعر گوئي ۽ ٻين ڪيترن ئي گڻن تي فخر ڪيو آهي ۽ حقيقي سڄڻ جي هر وقت گڏ ۽ حاضر هئڻ جي ڪري پاڻ ۾ پيدا ٿيل صفتن کي مثالهون ڏيکاريو آهي. ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ مرزا صاحب دنيا جي مختلف علمن جو اڀياس ڪيو انهن کي سمجهي انهن تي ڪتاب لکيا، جنهن ڪري منجهس اهي اعليٰ خوبيون موجود هيون جن جو پاڻ ذڪر ڪري ٿو. اڳتي مرزا صاحب هڪ ناصحانہ غزل ڏنو آهي، جنهن جو عنوان آهي ”چا کان چا زياده ٿئي ٿو.“ هن ۾ جڻ سونهري قول آهن جيڪي شاعري جي صورت ۾ مرزا صاحب لکيا آهن، لکي ٿو:

ٿئي تي قناعت کان عزت زياده
طمع کان سدا ٿئي تي ذلت زياده

ٿئي علم وارن کي واڌو تحمل
ٿئي جهل وارن کي حجت زياده
دليري اچي ٿي نہ ايمان ڏارا
جو ايمان سان ٿئي ٿي همت زياده
تڪلف علامت ٿي بيگانگيءَ جي،
نہ ڏاريو تڪلف جي عادت زياده
فراغت سان دنيا ۾ هڪ پل نہ ويهو
گهرو ٿا اوهين جي فراغت زياده
ملائڪ کان بهتر ٿيو انسان بنجڻ
مگر ٿي ان ۾ محنت زياده
ڪريو دوستو پهرين ائين پنهجي حرمت
جي پانيو ڪري خلق حرمت زياده
الاهي زماني کي اڄ آهي ڇا ٿيو
محبت آهي ڪم عداوت زياده
عبادت کان منهنجي گناهہ آهي واڌو
قليچ آهي هر حال ۾ شڪر واجب
ٿئي شڪر مان نت ٿي برڪت زياده
ص-100 (9)

اهڙي طرح ڪيترائي بيا ڪارائتا موضوع مختلف غزلن ۾ شامل آهن جن جا ڪجهہ عنوان هن طرح آهن: ڇا ٿيڻ چڱو آهي، ڪشالو ضروري، خدا جي ذات ۽ تعريف، زر جي مداح، وحدت ۽ ڪثرت، سيڪو پنهنجو جوابدار، مطلب حاصل ڪرڻ جي جستجو، پنهنجو پٽ ٿي، زماني جا رنگ، مجاز مان حقيقت، روشن دليءَ جو اپاءُ، زمين تي بهشت، عاشق جي منزل ۽ ان جو مذهب عاشق جا خيال خدا جو فضل، ڇا ڇا بغل ۾، قافيہ بندي، سچا صوفي سالڪ، عشق جا رنگ، عشق جو شرف، عاشقن جو حال، عشق جو ڪارخانو دل جو شرف دل عشق جي جاءِ، ٻن جي وچ ۾ فرق، مثلن ۾ مشهور ٻاهر جي ڳولا اجائي، ٻاهران اندران اتفاق، علم لاءِ سفر ضرور، سچي هدايت ۽ نصيحت، حقيقت سمجهڻ مشڪل، خاص ۽ عام جو فرق، گهر جي جنگ، ڇا ڇا غلط آهي، عشق جا

عذاب، انسان جو اصل نسل، سچو صوفي ڪير آهي، سچا ۽ ڪوڙا صوفي، انسان جي ذات ۽ صفات معتدل درجي جو فرق، شعر چوڻ روا آهي، دل جي همت نور جو اسرار، مسبب الاسباب، نازڪ بدن جي وصف، سهڻا صوفي، نوان نوان رنگ، خدا جي تعريف زماني جو حال، حسن جو باغ، صنعت تجنيس، لف و نشر، اولاد جي ڳڻتي اجائي ۽ ڪجهہ ٻيا موضوع شامل آهن. هي ڪتاب جتي ڪيترن ئي تاريخي عمارتن ۽ ادارن جي افتتاح، شروعات جي تاريخ کي پيش ڪري ٿو اتي ڪيترن ئي سنڌ جي عالمن جي جنم ڏينهن يا وفات جي تاريخن کي بہ مرزا صاحب محفوظ ڪيو آهي. ان کان علاوه وڏو حصو مرزا صاحب جي بهترين شاعريءَ جو پڻ هن ڪتاب ۾ شامل آهي، جنهن ۾ مرزا صاحب جا مختلف موضوع تصوف، رومانيت، اصلاح، سماجي حقيقتون، خدا ۽ ان جي رسول جي تعريف، اعليٰ اخلاقي قدر ۽ گڏ، انساني ڪردار جون ڪمزوريون ۽ ٻيا ڪيترائي موضوع شامل آهن. مرزا صاحب جي قلمي ڪتابن جي ڇپائيءَ لاءِ موجود وقت ۾ مرزا قليچ بيگ چيئر وس آهر ڪوششون ڪري رهي آهي. چيئر کان اڳ اهڙيون ڪوششون مرزا صاحب جي خاندان طرفان ٿينديون رهيون آهن. ڪين ان ڳالهہ جو وڏيڪ فڪر رهيو آهي. اهڙو اظهار مرزا حبيب ڪندي لکيو آهي: ”جيستائين اسان جا ادبي ادارا اها ڪوشش نہ وٺندا تہ مرزا صاحب جا سڀ ڪتاب ڇپجن تيسين اسان ضرور فڪر مند رهنداسين. هيءَ دنيا فاني آهي، جنهن ۾ ڪتاب فقط ڪاغذ جي سيني تي لکيل آهن. آخر انهن جو ڪو مدو ضرور آهي، نہ تہ ٻيءَ صورت ۾ انهن جو ضايع ٿي وڃڻ هڪ ادبي سانحو ٿيندو هجي.“ سنڌي ٻولي ص- 179 (10)

هر اڻ ڇپيل ڪتاب جو تفصيلي اڀياس ڏيڻ جي ضرورت آهي. وڌيڪ ٻئي ايندڙ مقالي ۾ ڪنهن ٻئي قلمي نسخي جو اڀياس ڏنو ويندو تہ جيئن مرزا صاحب جو اهو علمي پورهيو جيڪو اجا اڻ ڇپيل آهي، ان کان عام پڙهندڙ ۽ محقق واقف ٿي سگهن.

## حوالا:


1. مرزا، قليچ بيگ، يادگيريون، سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو: مرزا قليچ بيگ چيئر ص93.

2. مرزا، قليچ بيگ، (1910)، سودائي خام (ڀاڱو پهريون)، شڪارپور: پوڪر داس ٿانور داس تاجر ڪتب، تمهيد.

3. مرزا، قليچ بيگ، سودائي خام (ڀاڱو ٻيو)، قلمي - ص 50.

4. ساڳيو ص 53.

5. ساڳيو ص 95.
6 ساڳيو ص 96
7 ساڳيو ص 98.
8 ساڳيو ص 98.
9 ساڳيو ص 100 .
10 مرزا، قليچ بيگ، (1998)، قليچ ۽ قلمي مسودا، مقالو سنڌي ٻولي جرنل مرزا قليچ بيگ نمبر ص 179.